
(شاعري)
عشق وڏا انبور
غلام عباس پنيرو
پوپٽ

# عِشقَ وِڏا اَنبُورَ

(شاعري)

غلام عباس پنيرو

پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور۔ سنڌ
2014ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گھر



# عشقَ وِڏا اَنبُورَ

**POPAT BOOK NO. 65**

**عشقَ وِڏا اَنبُورَ**

(شاعري)

شاعِرُ: غلام عباس ڀنڀرو

ڇاپو پهريون: 2014

تعداد: هڪ هزار

ٽائيٽل ڊزائين: سعيد منگي

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ: آصف نظاماڻي

ڇپيندڙ: پوپٽ پرنٽنگ پريس، خيرپور. فون:0243-552913

ڇپائيندڙ: پوپٽ پبلشنگ هائوس مال روڊ خيرپور – سنڌ.

ملهه: **-/100** روپيه

**ISHQ'A WIDHA ANBOOR'A**

(Poetry)

Poet: **Ghulam Abbas Bhanbhro**

First Edition: 2014

Quantity: 1000 Copies

Title Design: Saeed Mangi

Composing & Lay'out: Asif Nizamani

Printed by: Popat Printing Press, Khairpur Ph: 0243-552913

Published by: Popat Publishing House, Mall Road, Khairpur – Sindh.

Price: **Rs. 100/-**

# ارپنا

**انهن امر ڪردارن جي نانءُ**

**جن ڌرتي ماءُ لاءِ جاکوڙيو.**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب ”**عشق وڏا انبور**“ اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب ناميار شاعر **غلام عباس پنيري** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي. هِنَ ڪِتابَ ۾ وايون، غزلَ، بيتَ ۽ نظمَ شامل آهن.

غلام عباس پنيرو سنڌ جو اُهو شاعِرُ آهي جنهن جي شاعريءَ ۾ هِڪَ طرف قومي رنگُ پريل آهي ته ٻئي طرف سندس شاعريءَ ۾ تصوفَ جا رنگ به نمايان آهن. سندس پهريون ڪِتابُ ”اسان جي عشقَ جون ڳالهيون“، ”پوپٽ“ پاران ئي شايع ڪيو ويو هُيو ۽ هٿو هٿ وِڪامي پِڙُ ويو هو. غلام عباس پنيري صاحبَ جي شاعريءَ جو هي ٻيون ڪِتابُ ”عشقَ وِڏا انبورَ“ اوهان جي هٿن ۾ آهي.

هي ڪتاب **پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور** پاران 2014ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پوپٽ پبلشنگ، هائوس جي سرواڻ قربان منگيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# سنڌاءُ


- **پبلشر نوٽ:** قربان منگي 8
- **مان ۽ منهنجي شاعري (شاعِرَ پاران):** غلام عباس پنيرو 9

- **وايون** 13
- **بيتَ** 71
- **غزلَ** 84
- **نظم** 97

# پبلشر نوٽ

غلام عباس ڀنڀرو سنڌ جو اُهو شاعِرُ آهي جنهن جي شاعريءَ ۾ هِڪَ طرف قومي رنگُ ڀريل آهي تہ ٻئي طرف سنڌس شاعريءَ ۾ تصوفَ جا رنگ بہ نمايان آهن. سنڌس پهريون ڪِتابُ ”اسان جي عشقَ جون ڳالهيون“، ”پوپٽ“ پاران ڇپائي شايع ڪيو ويو هُيو ۽ هٿو هٿ وِڪامي پِڻُ ويو هو. غلام عباس ڀنڀري صاحبَ جي شاعريءَ جو هي ٻيون ڪِتابُ ”عشقَ وِڏا انبورَ“ اوهان جي هٿن ۾ آهي.

هِنَ ڪِتابَ ۾ وايون، غزلَ، بيتَ ۽ نظمَ شامل آهن، اسان کي اُميدَ آهي تہ هي ڪِتابُ پِڻُ پڙهندڙن ۾ مڃتا ماڻيندو، ادارو ”پوپٽ“ سنڌي ٻوليءَ ۾ معياري ادبُ ڇاپِڻَ واري سفرَ ۾ پنهنجون ڀرپور صلاحيتون ارپي رهيو آهي.

اوهان جي ساٿَ ۽ سهڪارَ سان اِهو سفرُ ائين ئي اڳتي کان اڳرو رهندو.

**قربان منگي**

چيئرمين

پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور

**شاعِرَ پارا**ن

# مان ۽ منهنجي شاعري

منهنجي شاعريءَ جو پهريون ڪِتاب ”اسان جي عشقَ جون ڳالهيون“ 2009ع ۾ شايع ٿيو هو. ڪِتاب ۾ ”عشقَ جون ڳالهيون“ ڪهڙيون هيون، اهي پڙهندڙن پڙهيون هونديون. بهرحال اهو ڪِتاب ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيو ۽ هڪ مهيني اندر کپي ويو! منهنجي ڪِتابَ جون هڪ هزار ڪاپيون هڪ مهيني اندر وڪرو ٿي وڃڻ مان ايئن لڳو ته سنڌ ۾ سنڌي ڪِتاب پڙهڻ وارا ماڻهو موجود آهن ڇو ته عام طور تي اهو چيو ويندو آهي ته سنڌي ماڻهو سنڌي ڪِتاب خريد نٿا ڪن. پر مان سمجهان ٿو ته منهنجي ڪِتاب ”اسان جي عشقَ جون ڳالهيون“ جون پنج هزار ڪاپيون ڇپجن ها ته اهي به وڪرو ٿي وڃن ها. ڇو ته سنڌ جا ماڻهو اڄ به مون کان ڪِتاب گهرن ٿا ۽ ڪِتاب پڙهڻ چاهين ٿا.

منهنجي پهرين ڪِتاب کان پوءِ ”عشق وڏا انبورَ“ منهنجي شاعريءَ جو هي ٻيو ڪِتاب آهي. هِتي مان هي ڳالهه لکڻ ضروري ٿو سمجهان ته منهنجي پهرين ڪِتاب ”اسان جي عشق جون ڳالهيون“ ۽ هن ٻئي ڪِتاب ”عشقَ وِڏا انبورَ“ ۾ منهنجي اها به شاعري شامل آهي جيڪا مون ننڍي عمر ۾ ڪئي هئي. يعني مون اها شاعري پرائمري چوٿين درجي کان ميٽرڪ تائين وارن ڏينهن ۾ ڪئي ڪجهه شاعري مون 1973ع ۽ 1975ع ۾ هوشو پبليڪيشن جاري ڪرڻ دوران ڊي پي آر جي ڪيسن ۾ جيل وڃڻ ۽ ڪجهه شاعري مون 1989ع ۾ سائين جي ايم سيد جي سکر واري جلسي

کان پوءِ گرفتار ٿي وڃڻ کان پوءِ سکر ۽ خيرپور جي جيلن ۾ قيد هجڻ دوران به ڪئي.

1989ع ۾ منهنجي گرفتاري هينئن ٿي ته سائين جي ايم سيد، سکر جي محمد بن قاسم پارڪ ۾ جلسو ڪرڻ آيو هو. مان اهو جلسو ڏسڻ ۽ سائين جي ايم سيد جي تقرير ٻڌڻ ويو هوس. جلسي ۾ گهڻي رش هئي، وڏي ڪوشش ڪان پوءِ سائين جي ايم سيد جو پري کان ديدار نصيب ٿيو. ان جلسي جو سائين جي ايم سيد ۽ جيئي سنڌ تحريڪ جي مرڪزي قيادت مٿان ڪيس داخل ٿيو ڪنهن مهربان دوست ان ڪيس ۾ منهنجو نالو به ڏيئي ڇڏيو. هن ڪيس ۾ سائين جي ايم سيد ۽ جيئي سنڌ تحريڪ جا ڪافي اڳواڻ گرفتار ٿيا.

پوليس مون کي به خيرپور مان گرفتار ڪري سکر ڪٽي وئي. مون کي پهرين سکر جي اي سيڪشن ٿاڻي جي لاڪپ ۾ قيد رکيو ويو. جِتي سکر جو جاويد ميمڻ ۽ ڪجهه ٻيا نوجوان دوستَ گرفتار ٿي آيا. هڪ مهيني کان پوءِ جاويد ميمڻ ۽ ٻين دوستن کي ڇڏيو ويو. جڏهن ته مون کي ان ڪيس ۾ چالان ڪري سينٽرل جيل سکر موڪليو ويو. جِتي گل محمد جکراڻي، مير حيدر ٽالپر، حفيظ قريشي، انتظار زيدي، علي نواز ٻُٽ، قيوم منگي، باغي بجاراڻي، سورهيه سنڌي ۽ ٻيا ساڳي ڪيس ۾ قيد هئا. جڏهن ته سائين جي ايم سيد کي پوليس گرفتار ڪري ڪراچي ڪٽي وئي هئي.

هن ڪيس ۾ مون ڏهه مهينا ڏهه ڏينهن جيل ۾ گذاريا. جن مان ٽي مهينا ڪن خيرپور جيل ۾ گذاريا بعد ۾ حڪومت تبديل ٿيڻ کان پوءِ منهنجو ضامن ٿيو ۽ مان جيل کان ٻاهر آيس ان ڪيس ۾ منهنجي وڪالت خيرپور جي ناميارې وڪيل والي ڏنو ناريجي ڪئي.

تہ مان هِتي ذڪر پئي ڪيو پنهنجي شاعريءَ جو تہ نندپڻ ۾ وايون، ڪافيون، غزل ۽ گيتَ لکڻ وقت مون کي شاعريءَ جي بحر وزن جي ڪا بہ خبر نہ هئي پر بحر وزن جي ٿوري گھڻي سمجھہ اچڻ ڪانپوءِ مون جڏهن پنهنجي شاعريءَ جي بحر وزن جو ڪاٿو لڳايو ۽ لفظن جي جوڙجڪ ڪرڻ شروع ڪئي تہ مون ڏٺو تہ منهنجي شاعريءَ جو اڪثر بحر وزن قدرتي طور تي ڪافي صحيح بيٺل هو. تنهن ڪري مون ان ۾ ٿوري نظر ثاني ڪرڻ ڪانپوءِ ان کي جيئن جو تيئن پهرين ۽ هن ٻئي ڪِتاب ۾ آڻي ڇڏيو.

پهرين ڪِتاب وانگر هن ٻئي ڪِتاب جي ڇپائي واري ڪم تي مان ٻيهر ٿورائتو آهيان عبدالحفيظ ٻِٽي ٽل واري جو جنهن منهنجي ٽڙيل پکڙيل شاعريءَ جا پنا گڏ ڪيا ۽ هن ٻئي ڪِتاب جي شاعري بہ سٺن اکرن ۾ اتاري ڏني. مان وڌيڪ ٿورائتو آهيان محترم قربان منگيءَ جو جنهن مون کي شاعريءَ جو هي ٻيو ڪِتاب بہ سهڻي ۽ خوبصورت ڊزائين ۾ ڇاپي ڏنو.

محترم سعيد منگيءَ جي مهرباني جنهن ڪِتابَ جو سهڻو ٽائيٽل ٺاهيو. محترم امر اقبالَ جا ٿورا جنهن ڪِتابَ کي سهيڙڻ ۽ ترتيبَ ڏيڻ جي هر مرحلي تي سٺيون صلاحون ڏنيون. محترم حزب الله آءِ سومري جا وڏا وَڙَ جنهن جو ساٿُ پڻ هميشہ وانگر مون سان رهيو. محترم آصف نظاماڻيءَ جي بہ مهرباني مجبي جنهن هي ڪِتابُ تڪڙ ۾ ڪمپوز ڪيو ۽ ان جو لي آئوٽ ٺاهيو. اميد آهي تہ منهنجي هن ٻئي ڪِتاب کي بہ پهرين ڪِتابَ وانگر سنڌ جا ماڻهو مانُ بخشيندا.

**غلام عباس پنيرو**

◊ ميرواهہ ڪينال ويو خيرپور ميرس
0300-3116062



# وايون

○

سرنهن ڦُلاريا پيلا گل،
آيون ٽيا ۽ ٻيرَ ڪُلَ،
آءُ پرين تون مُندَ وچي ٿي!

پيرون پڪا ۽ ڏونرن ڏار،
جاڳر ڄار ۽ لال ليار،
جانيا ٽيا ۽ لُوڙڪ ڇِلُ.
آءُ پرين تون مُندَ وچي ٿي!

عشق گهٽيرا گهاوَ ڏنا،
تيز تکيرا تاوَ ڏنا،
مُور نہ تو بن گذري پَلُ.
آءُ پرين تون مُندَ وچي ٿي!

عشقُ "عباسڻ" دل جو سور،
نينهن نسورو آ، ناسور،
جيءَ نہ مُنهنجي آهي جهل.
آءُ پرين تون مُندَ وچي ٿي!

⬟

اسان آ اکين تي ڪٽي رات ڪاري،

الائي پرين تون تہ ايندين نہ ايندين؟!

اسان لڙڪ لاڙيا تہ ڪڪرن ۾ ڪيهون،

ڀٽون ڀُونگَ ڀاٽا ڀني ڀونءِ ساري،

الائي پرين تون تہ ايندين نہ ايندين ؟!

حياتي سڄي توکي ارپي ڇڏي آ،

اسان آ وفا جي ڪئي آبياري،

الائي پرين تون تہ ايندين نہ ايندين ؟!

نٿو مور وسرين تڏهن عشقَ ايڏي،

”عباسڻ“ اندر ۾ اچي باهہ ٻاري،

الائي پرين تون تہ ايندين نہ ايندين ؟!

سگهو موٽ منڙا!
وڇوڙو ٿو ماري.

اڙي اک آ توسان،
لڳي چوٽ منڙا!
وڇوڙو ٿو ماري.

وڏا عشق گهائي،
ڪئي گهوٽ منڙا!
وڇوڙو ٿو ماري.

ٽٽي نيٺ پوندا،
ڪڙا ڪوٽ منڙا!
وڇوڙو ٿو ماري.

سامونڊي لئون لائي ويا،
باهيون ڪي ڀڙڪائي ويا،
تن ريءَ آنءُ اڪيلي هان!

پڳهہَ چوڙي ٻيڙا ڪاهي،
مون کي ويا، رِڻ ۾ راهي،
نينهن اندر ۾ نائي ويا،
تن ريءَ آنءُ اڪيلي هان !

ڏاڍو مون کان ڏور ويا،
سامونڊي ڏئي سور ويا،
ويندي ڏانوڻ ڏائي ويا،
تن ريءَ آن اڪيلي هان !

عشق ”عباسڻ“ چوٽ ڏکي،
سامونڊين جي موٽ ڏکي،
ڪيڏو مون تڙپائي ويا،
تن ريءَ آنءُ اڪيلي هان !

○

نيڻ اسان جا ونگيا واڳيا،
يار اکين ۾ ويٺو آ.

لوڪان لوڪ لڪايو آهي،
واري چپر ڍڪيا ڍاڳيا.
يار اکين ۾ ويٺو آ.

نور نچوئي جاڳي جاڳي،
ڊولَ اَچڻ جا رستا راڳيا.
يار اکين ۾ ويٺو آ.

وقت دنيا جا تيوَرَ بدليا،
پاڻ "عباسڻ" ساڳيا ساڳيا.
يار اکين ۾ ويٺو آ.

⬟

○

توتي ناھ ميار الا !

توتي ناھ ميار.

آيو آهين هنڙي منڙا !

مون سان ڪجھ تہ گذار الا!

توتي ناھ ميار.

ڏار ٽئين تون جڏهين مون کان،

ڪيا ڏکڙن ڏار الا !

توتي ناھ ميار.

سانوڻ رُت ۾ پونم چنڊ آ،

ڪيڏا ٿهر هزار الا !

توتي ناھ ميار.

پيچ پني تي ميگھ جون ماڪون،

ڪڙيا ڪنٺهار الا !

توتي ناھ ميار.

تنهنجا ٻول بہ جهول ڪڪر جا،

جهڙا ميگھ ملهار الا !

توتي ناھ ميار.

⬟

⭘

توکي ڏسڻ سان جذبا جاڳيا،

سونهن ۾ تنهنجو ثاني ڪونهي!

گهايو تنهنجي گهُورَ اسان کي،

عشقَ وِڏا اَنبُورَ اسان کي،

نيڻ انوکا ونگيا واڳيا.

سونهن ۾ تنهنجو ثاني ڪونهي!

تنهنجون نظرون نيڻ نِهارون،

پُورِبَ جون جڻ لاٽون لارون،

توسان دل جا پيوند ساڳيا.

سونهن ۾ تنهنجو ثاني ڪونهي!

تنهنجون واٽون واهون ويرا،

يارَ "عباسَ" پندَ ۾ پيرا،

تولئه دل جا رستا راڳيا.

سونهن ۾ تنهنجو ثاني ڪونهي!

⬟

•

جوڀن جواني ٻُور ٻهاڻ،
پاڻ ئي آيو پاڻ پرين .

عيد نظارو منظر سارو،
رات سڄي ٿي روح رهاڻ،
پاڻ ئي آيو پاڻ پرين.

يارَ اسان جي دل اڱڻ تي ،
سُونهن پکيڙي ڪئي سُرهاڻ،
پاڻ ئي آيو پاڻ پرين.

مَنُ "عباسڻ" اَڇو اُجرو،
مُور نہ رهنديون وٿيون هاڻ.
پاڻ ئي آيو پاڻ پرين.

⬟

تنهنجي اچڻ ۽ مرڪي ملڻ سان،
مهر وفا جو مينهن وسيو آ .

موتئي مُگري منهنجي اڱڻ تي،
سِيِسُ نِوائيو توکي ڏسڻ سان .
مهر وفا جو مينهن وسيو آ.

سارو جڳ هي جرڪي پيو آ ،
خوش ٿي تنهنجي يار کلڻ سان .
مهر وفا جو مينهن وسيو آ.

عيدون سڀ بهارون آهن،
يار "عباسڻ" وٽ اچڻ سان .
مهر وفا جو مينهن وسيو آ.

راتيان ڏينهان تنهنجي تار،
منهنجي دل ۾ آهين يار!
توين گذري ڪانہ گهڙي.

هيڏا منظر هيڏو ميلو
ميلي ۾ هان آنءُ اڪيلو
تنها سارو ڄڻ سنسار.
توين گذري ڪانہ گهڙي.

ڪيڏيون وٿيون ڪيڏا سُورَ،
تن من سارو ڄڻ تندُور،
ماريو تنهنجي نيڻ نهار.
توين گذري ڪانہ گهڙي.

پل پل تنهنجون يادون آيون،
مارن مون کي ٿيون تنهايون،
نيڻ "عباسڻ" جا نيسار.
توين گذري ڪانہ گهڙي.

○

ڪاتارا ۽ ڪاتاريون،
ڪالھ هِتان ويا وڻجارا .

پنهنجا گھر ۽ گھاٽ ڇڏي،
بندر ۽ بازاريون ،
ڪالھ هِتان ويا وڻجارا.

پل پل، ويلي ويلي تي ،
سانگيئڙن کي ساريون ،
ڪالھ هِتان ويا وڻجارا.

مارو موٽن شال ”عباسڻ“ ،
ڀيھر سنڌ سنواريون ،
ڪالھ هِتان ويا وڻجارا.

⬟

o

سِڙهه سنڀالي وبندين توڙ
ساحل ڊوڙي ايندئي!

هوڙا سپ طوفانن ۾
لهرون ٻوڙان ٻوڙ
ساحل ڊوڙي ايندئي!

عشقَ جو ڪوئي اَنتُ نہ آ
نيڻن ننڊ نهوڙ
ساحل ڊوڙي ايندئي!

ڪنڌي ايڏي ڪيڏي ڏُور
واٽون وڙي وڙ
ساحل ڊوڙي ايندئي!

منهنجا گيت ”عباسڻ“ ڳاءِ
جاڳي ڪر جاڪوڙ
ساحل ڊوڙي ايندئي!

●

منهنجي حالَ تي هلجان يار!
توسان دل جو پيوند آهي.

پورب اتر وائي ٿو پيو،
راڳ ملهاري ڳائي ٿو پيو،
سڪ جون ڳالهيون سَلجان يار!
توسان دل جو پيوند آهي.

ڪُونيَٽ جهومي ڦوڳ نچي ٿو،
چڙ ڪو ميلو يار! مچي ٿو.
مهراڻي تي ملجان يار!
توسان دل جو پيوند آهي.

توسان دل جون ڳالهيون ٿيندريون،
ڳالهيون نينهن نراليون ٿيندريون،
روح اچي ڪي رلجان يار!
توسان دل جو پيوند آهي.

⬟

⭘

نازايڏا تون نہ ڪر!
دل ڏکي پوندي پرين!

اهڙو ائين جادو ڪري،
مون اڳيان سُڏڪا نہ ڀر!
دل ڏکي پوندي پرين!

چُوڙ واتن تي وجهي،
ٿو ڪرين ڪيڏا قهر!
دل ڏکي پوندي پرين!

تو اڳيان ڪمزور هان،
ڪر "عباسڻ" تي نظر!
دل ڏکي پوندي پرين!

⬟

○

تنهنجي منهنجي پيار تي،
چنڊ ستارا جهومن ٿا.

جهڙو سنڌو سهڻو آهي،
اهڙي سهڻي يار تي،
چنڊ ستارا جهومن ٿا.

ڳوٺ سڄو آ يار! فدا،
تنهنجي هڪ نِهارَ تي،
چنڊ ستارا جهومن ٿا.

دل ٻنهي جي پيوند آهي،
اهڙي پيوند ڪار تي،
چنڊ ستارا جهومن ٿا.

ظاهر ٿياسون پاڻ ”عباسڻ“،
اهڙي شوق شڪار تي.
چنڊ ستارا جهومن ٿا.

○

تنهنجي اکين ۾ اسرار آ،
عاشقَ سَوَ ڦتڪايا ٿئي!

تنهنجي نيڻن نينهن نڪورو،
سڀ نظرن ۾ نروار آ.
عاشقَ سَوَ ڦتڪايا ٿئي!

تنهنجون اکڙيون اوتر جهڙيون ،
چڻ ڪا مينگهه ملهار آ .
عاشقَ سَوَ ڦتڪايا ٿئي!

يار "عباسڻ" ميلو ٿيندو،
ميلي منجهه قرار آ.
عاشقَ سَوَ ڦتڪايا ٿئي!

⬟

○

منڊ موتي وئي هلي،
تون اجان آيو نہ آن !

ڳالهہ دل جي سورجي مون،
ڪانہ توسان ڪا سَلي،
تون اجان آيو نہ آن!

انتظارن آسرن ۾،
جوت ساري وئي جلي،
تون اجان آيو نہ آن !

ننڊ ناهي ڪا ”عباسڻ“
حال توسان هن دلي،
تون اجان آيو نہ آن!

⬟

تنهنجي آ ديدار سان،

هيل اسانجي عيد پرين!

منهنجي اڱڻ تي ايندين تون،

ٿيندي عيد قرار سان،

هيل اسانجي عيد پرين!

تنهنجي ٿيندي آجيان،

اندر جي اظهار سان،

هيل اسانجي عيد پرين!

عيد اسان جي عشق سان،

عيد ”عباسڻ“ پيارَ سان،

هيل اسانجي عيد پرين!

○

رسي مون کان وڃڻ تنهنجو
ائين ڀيرو ڀڄڻ تنهنجو
مناسب ڪيئن لڳو توکي؟!

سوين هيلا هلايا مون،
سيئي ڳُر آزمايا مون،
نہ منٿن کي مڃڻ تنهنجو
مناسب ڪيئن لڳو توکي؟!

ڪري مونکي اڪيلو تون،
ڀڄي وئين يار! ميلو تون،
ڏسي منهڙو ڳُهڄڻ تنهنجو
مناسب ڪيئن لڳو توکي؟!

وفا جي ڳاھہ ۾ ڳاهي،
”عباسڻ“ سر چڙهيو ساهي،
ڀنڃاري جيئڻ ڀڄڻ تنهنجو
مناسب ڪيئن لڳو توکي؟!

⬟

٥

ڪري ڏارَ مونکي،

ڦٽي ننڊ هوندءِ !

جدائي ءَ جا جاني!

وجهي ڏار مونکي ،

ڦٽي ننڊ هوندءِ!

ڪيو ياد هوندءِ،

ڪڍي پار مونکي،

ڦٽي ننڊ هوندءِ!

وئين بي خطا تون

ڇڏي يار! مونکي،

ڦٽي ننڊ هوندءِ!

⬟

ايڏو دل تي داءُ ڪري،
نيڻن سان ڦتڪائي وئين!

ڪيڏو مون کي مَست ڪيو ٿي،
جڙ تہ ڏنئي کو جام پري،
نيڻن سان ڦتڪائي وئين!

جاڳي جاڳي رات گذاري،
پيرو ويجهان ڪوتہ پري،
نيڻن سان ڦتڪائي وئين!

عشق جو يار "عباسڻ" آهي،
ڏونگر جيڏو پنڌ پري،
نيڻن سان ڦتڪائي وئين!

○

تنهنجو حسن جمال ڏسي،
حُورون چرڪ پرينديون.

جنت جا غلمان سمورا،
سهڻا هي سلطان سمورا،
ايڏو قرب ڪمال ڏسي ،
حُورون چرڪ پرينديون.

ملڪ فلڪ انسان هي سڀ،
چندر، گُپتا، گيان هي سڀ،
تنهنجا هي تجمال ڏسي ،
حُورون چرڪ پرينديون.

يار جو جلوو جوين آ،
جڳ ”عباسڻ“ روشن آ ،
جوين جلوو جال ڏسي،
حُورون چرڪ پرينديون.

⬟

○

سنڌڙي! تنهنجو نانءُ،
منهنجي دل تي لکجي ويو آ.

تنهنجي سُونهن نظارن تان،
صدقي صدقي آنءُ،
منهنجي دل تي لکجي ويو آ.

سنڌو نينهن نشان اسانجو،
هر ڪنهن هيڏو هانءُ،
منهنجي دل تي لکجي ويو آ.

ٿيندي سنڌ عظيم "عباسؔ"
گهر گهر عيد وهانءُ،
منهنجي دل تي لکجي ويو آ،
سنڌڙي! تنهنجو نانءُ.

⬟

○

هي گيت ڪٽي هل ٻوٽن ۾،
آئيٽن پوٽن اوٺن ۾،
ڳاڙهي رت جي خوشبوءِ ايندءِ!

جي ڪلهه وڙهيا ها واٽن ۾،
سي ٻولائيندا ٻاٽن ۾،
لوڙهن ڪارن ڪوٽن ۾،
ڳاڙهي رت جي خوشبوءِ ايندءِ!

واهڻ وستيون واڪا واڪا،
جهنگ ۾ ٻيلا ڌم ڌماڪا،
زخمي گهايل گهوٽن ۾،
ڳاڙهي رت جي خوشبوءِ ايندءِ!

سانگهڙ، ڪپري، ڪينواريءَ ۾،
گٽنگ، هٿونگي، چوٽياريءَ ۾،
سِينڌ ۾ چولن چوٽن ۾،
ڳاڙهي رت جي خوشبوءِ ايندءِ!

تيز ”عباسڻ“ تاوَ ڏٺاسون،
گهرا گهرا گهاوَ ڏٺاسون،
ماٿهو ها اڄ موٽن ۾،
ڳاڙهي رت جي خوشبوءِ ايندءِ!

⬟

○

مون کي ڪائي ڀورَ نہ ڀُل،
جيءُ سڄو ئي آ جل ٿل،
سنڌڙي ڪير وساريندو؟!

ڪيت هي سارا سونا سنگ،
جهار ۾ جهرڪيون اکر انگ،
دل تي آهي سڀ لکيل،
سنڌڙي ڪير وساريندو؟!

سکر، بکر، کرڙي، مياڻي،
سانگهڙ آهي ساهہ سيباڻي،
اندر سارو عشق اُتل،
سنڌڙي ڪير وساريندو؟!

يار "عباسڻ"، هيرن کاڻ،
سنڌ سموري آ سُرهاڻ،
آئنا پوئنا ۾ جهنگل،
سنڌڙي ڪير وساريندو؟!

⬟

○

منڇر يا تون ڪينجهر مِل،
ڪارونجهر يا گورک هل،
سنڌڙي ڪيڏي سهڻي آ !

ننگر پٽ شاهہ پوڙيسر،
وسڪارن ۾ اڇڙو ٿر،
ڇيڇ ۾ ڇيڏڪ جهڙو هُل.
سنڌڙي ڪيڏي سهڻي آ!

ڪاڇي، جوهيءَ گاج مٿي،
سکر پُونءِ بيراج مٿي،
موهي نينهن نظارن دل،
سنڌڙي ڪيڏي سهڻي آ!

ڪوٽَ ـ ڏيجيءَ جا ڪوهسار،
ڪيرٿر، نارو، سنڌ سڌار،
خوشيون ميڙا ميڙ مٿل،
سنڌڙي ڪيڏي سهڻي آ !

⬟

○

ڪيڏا ڏاڙا ڪيڏي پيلَ،
سک نہ سنپري منهنجي سنڌڙي.

سارين ساتي، گل نہ ٻاتي،
چيٽُ بهارُ نہ آيو هيل،
سک نہ سنپري منهنجي سنڌڙي.

ڳُٽڪا ڳيرا پوئرَ نہ پيرا،
ماروئڙن کي نَيَرَ نيلَ،
سک نہ سنپري منهنجي سنڌڙي.

جُوءِ مان جهانگي ويڙا وانگي،
نيٺ ”عباسڻ“ ٿيندا ميلَ،
سک نہ سنپري منهنجي سنڌڙي.

⬟

ڪڙڪو ناهي ڪڙڪو ڪو
ڀون ۾ نہ ڪنهن جو ڀڙڪو ڪو
جُوءِ جا گابا ڪونہ ڇُڙيا.

ٻالڪ سارا ٻنڌڻن ۾
ڏوٿيئڙا سڀ ڏنڌڻن ۾
ٺڙڪو ناهي ٺڙڪو ڪو
جُوءِ جا گابا ڪونہ ڇُڙيا.

ٻارڻ ڪنهن ٻاريو ناهي
ڏونگر ڪنهن ڏاريو ناهي
راڳو راڙِ نہ رڙڪو ڪو
جُوءِ جا گابا ڪونہ ڇُڙيا.

سنڌ "عباسڻ" سُورن ۾
پوپاڙيءَ جي پورن ۾
ٻاڙِ ٻوڙَ نہ ٻڙڪو ڪو
جُوءِ جا گابا ڪونہ ڇُڙيا.

اوپر اُتر لاڙَ ۾،
توسان هڪ هڪاٽي آ.

ساڄي کاٻي سنڌوءَ جي،
تنهنجي آهيون تاڙَ ۾،
توسان هڪ هڪاٽي آ.

ڳيريلي ۽ وارهہ وٽ،
دارا واهڻ ڇاڙَ ۾،
توسان هڪ هڪاٽي آ.

جهيڙو جنگ "عباسڻ" آ،
سردين گرمين هاڙَ ۾،
توسان هڪ هڪاٽي آ.

سنڌڙيءَ تي سر سَوَ سَوَ ڏيندا،
ڪِرندا ڪنڌ قطارن ۾.

مقتل ۾ ڪو منڊل ٿيندو،
ٻنڌڻن وارا ٻار ٻه ايندا،
ڪِرندا ڪنڌ قطارن ۾.

سوڍن سر تريءَ تي هوندا،
پڙَ تي ٻيهي پرزا ٿيندا،
ڪِرندا ڪنڌ قطارن ۾.

چور لٽيرا ڪاڏي ويندا،
پاڳيا پُونءِ جا گهٽَ جهليندا،
ڪِرندا ڪنڌ قطارن ۾.

وڙهندي وڙهندي يار ”عباسڻ“،
واڳ وطن جي واري ويندا،
ڪرندا ڪنڌ قطارن ۾.

○

اوپرا پيرا پٽن تي،
ويڙهه ٽيندي ڪا وڏي.

غير آيا، ڪيئن آيا؟!
ڀڪ هن ڪنهن جي ڏٽن تي،
ويڙهه ٽيندي ڪا وڏي.

ڪاٽڪوءِ چور هي سڀ،
گهوٽجي ويندا گهٽن تي،
ويڙهه ٽيندي ڪا وڏي.

ويندا ڪاڏي سي ”عباسڻ“؟!
لوڻ ٻُرڪي هي ڦٽن تي،
ويڙهه ٽيندي ڪا وڏي.

⬟

○

وري گهل چڙهي آ ،

وري ڪو سڏي ٿو.

ڪسي پاٽي سنڌ جو،

ويو ڪو وڙهي آ،

وري ڪو سڏي ٿو.

اچي وئي اسان تي ،

وري ڪا گهڙي آ،

وري ڪو سڏي ٿو.

وري جنگ ”عباس“،

اچي ڪنهن مڙهي آ،

وري ڪو سڏي ٿو.

⬟

○

ڪاڇي وارا ڪوهه اسانجا،
ڪينجهر ماڻا موهه اسانجا،
ساري سنڌ اسانجي آهي.

مورو، دادو، سيتا، جوهي،
واهه ڪڙيا ۽ پوڪي پوهي
روهيون، رڻ ۽ روهه اسانجا.
ساري سنڌ اسانجي آهي.

ڪارونجهر جي ڪور اسانجي،
گاجَ اسانجي گورَ اسانجي،
ڪائِرَ، ٽَڙ ۽ توهه اسانجا.
ساري سنڌ اسانجي آهي.

يار "عباسڻ" چيخ اسانجي،
سانگهڙ جي تاريخ اسانجي،
فولادي لڳ لوهه اسانجا.
ساري سنڌ اسانجي آهي.

⬟

○

دنيا هيءَ فنا جي ٿيندي،
عشقَ جو بج ڇٽيو ڇو ٿي؟!

ڌرتيءَ جا غِلمان سمورا،
ناريون نينهن، نشان سمورا،
هر شيءِ ائين اُڏري ويندي،
عشقَ جو بج ڇٽيو ڇو ٿي؟!

چنڊ، چَڪور ۽ ڳتيون تارا،
گنگا، جمنا، ڪوهه ڪنارا
ساري سونهن خزان جي ٿيندي،
عشقَ جو بج ڇٽيو ڇو ٿي؟!

يار ”عباسؔ“، درياءَ واديون،
ڪيتَ نہ رهندا ڪي آباديون،
اهڙي ڪا جي قيامت ايندي،
عشقَ جو بج ڇٽيو ڇو ٿي؟!

⬟

عشق عبادت آهي يار!
عشق وارن سان کونس نہ ڪر!

عاشق ماڪي آهن ميڻ،
دل ۾ تن جي ويرُ نہ ويڻ.
عرشَ الله سان ڳنڍيل تار.
عشق وارن سان کونس نہ ڪر!

جيڪو ڏوئي ايندو دل،
پار ٽپي سو ويندو پل،
عشق الاهي آ اسرار.
عشق وارن سان کونس نہ ڪر!

من ۾ پيو ٿو مچ ٻَري،
آهيون "عباسڻ" عشق اَري،
دنيا ساري آ ديدار.
عشق وارن سان کونس نہ ڪر!

٥

پاڻ تان پردو ڪڻو

عشق جي ڪا ڪولَ ٿئي.

يار ٿو سجدا ڪري!

قُرب ٿا اُبتو اُٿو.

عشق جي ڪا ڪولَ ٿئي.

هيءَ ادا ڏاڍي ڏُکي،

گهاءُ ٿيو گهرو گهڻو.

عشق جي ڪا ڪولَ ٿئي.

هاڻ ٿي ظاهر ”عباسڻ“،

نينهن جو نعرو هڻو.

عشق جي ڪا ڪولَ ٿئي.

⬟

عرش تي ۽ فرش تي، هر دل اندر،
ڳالهه تنهنجي ٿي هلي!

طُور سينا، نُور تي، عرفات تي،
ڪربلا، ڪشمير ۽ رابَڪ، مصر،
ڳالهه تنهنجي ٿي هلي.

پاڪ منهنجي هن وطن ساري جهان،
ڪعبة الله، شمس تارن ۽ قمر،
ڳالهه تنهنجي ٿي هلي!

نانءَ تنهنجي ڪي ”عباسڻ“ آ بقا،
گيت وائي ۽ غزل ۾ سربسر،
ڳالهه تنهنجي ٿي هلي!

●

لَهرَ نہ تنهن کي لوڏو ڪوئي،
جيڪو گڏ اسان سان هوندو.

دنيا وارن لاهن چاڙهن.
طوفانن ڪان آجو سوئي،
جيڪو گڏ اسان سان هوندو.

جنتَ وارا گُلَ چِتيندا.
حُورون ۽ غلمان سيوئي،
جيڪو گڏ اسان سان هوندو.

عشق جي پنڌ ولايت ڏي.
دل ”عباسؔ“ ايندو ڏوئي،
جيڪو گڏ اسان سان هوندو.

⬟

○

اسان ڪجهه ڪونه هو تاهيو.
اسان کي سڀ تهي مليو.

وڏو هي راز آ اُونهو.
اسان گهريو نه هو چاهيو.
اسان کي سڀ تهي مليو.

اسان جو آ سفر جاري.
اسان آ ڪيچ ڏي ڪاهيو.
اسان کي سڀ تهي مليو.

"عباسڻ" لا طمع آهي،
تڏهن سينو نه ڪنهن ساهيو.
اسان کي سڀ تهي مليو.

⬟

دنيا ۾ عام ٿي ويندا،
دما دم دام ٿي ويندا.
اسان جي عشقَ جا نعرا.

خدا جي هيءَ خدائي سڀ،
اسان جي آ ڪمائي سڀ،
نرالو نام ٿي ويندا،
اسان جي عشقَ جا نعرا.

اسان جا عرش وارن سان،
انوکا پيچَ پيارن سان،
وڏو انعام ٿي ويندا،
اسان جي عشقَ جا نعرا.

حسين نيڻن نظارن ۾،
”عباسڻ“ ڪوهسارن ۾،
حَوالو جام ٿي ويندا،
اسان جي عشقَ جا نعرا.

ترِ ڪارو ڪال،
ڪارونجهر تي مور نہ آيا.

مالاهوءَ تي مينهن نہ اوٺر،
ٿاريلين جا هيٺا حال،
ڪارونجهر تي مور نہ آيا.

آڏاٽن ۾ پيرا هوءَ تي،
ڏُبرا ماروئڙا ۽ مال،
ڪارونجهر تي مور نہ آيا.

پوڏيسر تي بُوند وسي ڪا.
جَرُ ”عباسڻ“ ٿئي ڪو جال.
ڪارونجهر تي مور نہ آيا.

•

وَسُ وڏو وسڪارو ڪر!
ترجا تاڪَ اُباٽڪا.

ڇَنڙيءَ ڪانئرَ ڪرڙي تي،
اوتر تي اَڄُ وارو ڪر!
ترجا تاڪَ اُباٽڪا.

ڏُبرا مالَ ۾ مارو ئڙا،
تر ۾ ڪو تڏڪارو ڪر!
ترجا تاڪَ اُباٽڪا.

آڏاٽن تي يار "عباسڻ"
ٽيڙوءَ جو ٿَهڪارو ڪر!
ترجا تاڪَ اُباٽڪا.

•

○

ٿر ۾ ميگهہَ ملهارَ ٿئي،
ڪائرَ تي ڪجڪار ٿئي،
مالاهوءَ تي مينهن وسن.

مامڙو جل ٿل ٿئي،
موج ڪا محفل ٿئي،
پائرَ لاٽون لار ٿئي،
مالاهوءَ تي مينهن وسن.

ڪارونجهر تي مور نچن،
سَوَ سَوَ جوڙا جوڙ اچن،
ڳيرن جي ڳُٽڪار ٿئي،
مالاهوءَ تي مينهن وسن.

يار ”عباسؔ“ ٿر وَسي،
ننگرُ پوڏيسرُ وسي،
پورب جي پلٽارَ ٿئي،
مالاهوءَ تي مينهن وسن.

⬟

○

ٽر تي او ٽر ٻڄي آءُ،
مِهريون اَبر آسري.

پوڏيسر تي تيڙوءَ ٿهڪا،
ڪائر ٿئي ڪو هيرَ هڳاءُ،
مِهريون اَبر آسري.

ڪارونجهر تي ڪِنوٽين ڪِڄڪا،
ننگر سارو نَچُ نچاءُ
مِهريون اَبر آسري.

يار "عباسڻ" سنڌ وسي،
ڏوٿين ڏور ٿئي ڏهڪاءُ،
مِهريون اَبر آسري.

⬟

○

آئي مند مَلھارَ،
ڪارونجھر تي مور نچن ٿا.

ڪائِرَ پائِرَ ڪنوڻين ڪجڪا.
پوڏيسر تي بُوندَ بهار،
ڪارونجھر تي مور نچن ٿا.

پٽَ پٽَ ميلا، هُل همرچا،
گورَ نَديءَ ۾ ننگر پار،
ڪارونجھر تي مور نچن ٿا.

مالاهوءَ تي يار ”عباسڻ“ ،
اوهيڙا ۾ لاٿون لار،
ڪارونجھر تي مور نچن ٿا.

⬟

o

ڪارونجهر تي ڪَڪَرن جهول،
موتين چڻ چڻ رنگ رتول.

پيراهوءَ تي ٻُوندَ بهارون،
اوڪو موڪون لاٿون لارون،
تڙَ تڙَ ڇيڏَ ۾ گيت گهڙول،
موتين چڻ چڻ رنگ رتول.

پٽ پٽ پؤنرن پڻڪا پيرا،
مالاهوءَ تي ڳُٿڪن ڳيرا،
ڪاٽلَ ڪَرڙي ڇَنگَ ڇڙولَ.
موتين چڻ چڻ رنگ رتول.

ڇَنڙي اَڇڙي قرب ڪهاڻيون،
يار "عباسڻ" روح رهاڻيون.
ٿَرَ ٿَرَ ٻاٻيهن جا ٻول،
موتين چڻ چڻ رنگ رتول.

⬟

ترِ ترِ ٿنڌڙو وسڪارو،
موسم آ ديدارن جي.

پورب، ڪنوڻيون ۽ ڪجڪار،
تڙ تڙ ٻگيرن جا ٻُتڪار،
پِٽ پِٽَ چندن چوٻ ۽ چارو،
موسم آ ديدارن جي.

مِهرين ماڻا مکڻ چاڻا،
سونهن سلهاڙيا سياڻا سياڻا،
مُند ملهاري راڳ ملهارو،
موسم آ ديدارن جي.

يارَ ”عباسڻ“ ڪاٺَ تي،
پيراهوءَ ۽ پاٺَ تي،
نيڪيٺيون ۽ نينهن نيارو.
موسم آ ديدارن جي.

ڊيلن پوپان ڊوڙون مور،
ڪارونجھر جي ڪور تي.

پورب اوتر اوڪون موڪون،
ڪافيون، وايون بيت ۽ ڏور،
ڪارونجھر جي ڪور تي.

چيچ ۽ چيڏڪ مندل ميلا،
نينهن نشانيءِ گھورون گھور،
ڪارونجھر جي ڪور تي.

ماروئڙن سان يار ”عباسڻ“،
منهنجي ڳنڍيل آهي اورَ،
ڪارونجھر جي ڪور تي.

○

پورب جي وسڪارن ۾،
ڪنوٽين ميگهه ملهارن ۾،
ڪارونجهر تي ميلو ٿيندو.

پوڙيسر آڏاٽن ۾،
ٻاٻيهن ٻاٻاٽن ۾،
چيهن جي چهڪارن ۾،
ڪارونجهر تي ميلو ٿيندو.

ٿيڙوءَ ٿَهڪا ڪائر تي،
پيراهوءَ ۽ پائر تي،
ڳيرن جي ڳٽڪارن ۾،
ڪارونجهر تي ميلو ٿيندو.

يار ”عباسڻ“ مارو ايندا.
تڙ تڙ نينهن نيارا ٿيندا،
گوڙين ۽ گجگارن ۾،
ڪارونجهر تي ميلو ٿيندو.

⬟

پورب ۾ گجگوڙ
ٻاٻيهو توتر ۾ ٻولي.

ٽيڙوءَ ٽهڪا ڪائِرَ تي.
ٻائرَ ٻوڙان ٻوڙ.
ٻاٻيهو توتر ۾ ٻولي.

پوڏيسر تي اوڪون موڪون،
ڪنوٽين ڪِجڪا ڪوڙ.
ٻاٻيهو توتر ۾ ٻولي.

مارو موٽيا ماڳ "عباسڻ"،
رب ملايا جوڙ.
ٻاٻيهو توتر ۾ ٻولي.

○

پوڏيسر تي چنگ چڙوليون،
ٿَرَ ٿَرَ تڏڙا مينهڙا .

ڪارونجهر تي اوٺر اوڪون،
ٻاٻيهن جون اچڙي ٻوليون.
ٿَرَ ٿَرَ تڏڙا مينهڙا .

پيراهوءَ تي روح رهاڻيون،
ڪافيون وايون، گيتَ گهڙوليون.
ٿَرَ ٿَرَ تڏڙا مينهڙا .

مالاهوءَ تي مينهن ”عباسڻ“،
ڇَنڙي ڪڪرن جهول ۾ جهوليون.
ٿَرَ ٿَرَ تڏڙا مينهڙا .

⬟

●

اتر پورب ۾ اوڀر،
ٻاٻيهن ٻُوسات لَڳِي.
ٿر جي اُڃَ اُسات لَڳِي.

ڀِٽَ ڀِٽَ ڀؤنرن ڀُٽڪا ڀيرا،
ڪائِرَ پائِرَ ڳُتڪن ڳيرا،
تل ترايون سيئي تر.
ٻاٻيهن ٻُوسات لَڳِي.
ٿر جي اُڃَ اُسات لَڳِي.

پيرون، پپُون ۽ جاڳُر جارَ
ٿر ۾ ٿاڌل ميگهه ملهار،
ڪُنبَ، ڪَنونيا، جوئر، ٻاجهر،
ٻابيهن ٻُوسات لَٿِي.
ٿر جي اُجَ اُسات لَٿِي.

ڪاٽَلَ ڪرڙِي ڪيچ ٿيا،
ميل ”عباسڻ“ ميچ ٿيا،
سهڻا سهڻا سڀ منظر.
ٻابيهن ٻُوسات لَٿِي.
ٿر جي اُجَ اُسات لَٿِي.

⬟

○

سنڌ جي نياڻي قتل.
قوم آ ساري سُتل.
اچ تہ ڪو ماتم ڪجي!

امن ايڪي جي زنجير،
سنڌ ڄائي بي نظير،
ڪُونجَ هُئي جڻ ڪا ڪُنل.
اچ تہ ڪو ماتم ڪجي!

سنڌ جي ويساهہ تي،
ساهہ ۽ ساڃاهہ تي،
جڻ تہ آيو ڪو اَجل،
اچ تہ ڪو ماتم ڪجي!

راڄ راڻن جي مٿان،
پونءِ پاڻن جي مٿان،
موتَ جو ميڙو متل.
اڄ ته ڪو ماتم ڪجي!

هِن ”عباسڻ“ سُورَ تي،
دور جي دستورَ تي،
دنگ دنيا جو عقل.
اڄ ته ڪو ماتم ڪجي!

⬟

* محترمہ بينظير ڀُٽو جي شهادتَ واري شامَ وقت لکيل

○

پيدا ٿيا ڏاڙيل،

ويندا ڏکن ڏينهڙا؟ !

آيون خوشيون دوستو!

ٿيندا هاجا هيل.

ويندا ڏکن ڏينهڙا؟!

ٽڙيا گل گلاب جا،

ماڪ پِنا رابيل

ويندا ڏکن ڏينهڙا؟!

ٿيندي ٿرلٿ واهه واهه،

ويندا ياڳيا جيل!!

ويندا ڏکن ڏينهڙا؟!

ماڻهون سڀ عيدون ڪيو،

ڳريو تيل ٿُليل.

ويندا ڏکن ڏينهڙا؟!

⬟

خوش ھُجين ڏاڙيل ياءُ !

مرحبا او مرحبا!!!

جيل کان محفوظ ٿي،

او رکي توکي خدا.

مرحبا او مرحبا!!!

قوم آھي اڄ سُجاڳ!

ٿا ڪريون توکي دُعا.

مرحبا او مرحبا!!!

واءُ نہ ٿي ڪوسو لڳئہ

پوليس جو ساٿي سدا.

مرحبا او مرحبا!!!

خوش ھُجين ڏاڙيل ياءُ!



# بيتَ

◙

سنڌي سڀ سنڌي، سنڌي ڪيئن نوان؟
تن کي ڇا چوان، وڙهن جي ويڙهيچن سان.

◙

وڙهن ويڙهيچن سان، رکي اسلام سندي آڙ
سنڌ مان تن سڙين، جي پرور پٽي پاڙ
پليدن سان پاڙيان، سيني ۾، جي ساڙ
ٻڏنديئو ڪنهن ڏينهن ٻيلي ۾، راڳي واري راڙ
ويرين سندي واڙ ڀيليندا سون ”ڀنڀرو“ چئي.

◙

جڏهن ڪُن فيڪون تي، سنڌ قبولي مون،
قالو بليٰ جي قول سان، جهولي جهلي مون،
جاڏي ڏنوسون، سهائي سڀ سنڌ جي.

ٻاڳين جا ٻاڻ، خالي مور نہ ٿيندا،
سنڌ سلامت رهندي، وستيون سڀ وٿاڻ،
مارو ايندا ماڳ تي، ٿيندي روح رهاڻ،
سنڌ سڄي سرهاڻ، ٻونءِ ٻلاري"ٻنيرو" چئي.

ڪيڏا هون اڱڻ، وارَ وڃائي ويٺا هون،
آنداسون اوپرا، پنهنجا ڪيدي پاڻ،
اسلام سندي عشق ۾، سوچ نہ رهي ساڻ،
يار "عباسڻ" هاڻ، عشق نہ ڪبو اهڙو.

سورهيہ منهنجي سنڌ جا، شيرن ڪان وڌ شير،
وٺندا ويندا وير، نئين نسل جا نينگرا.

◘

مَنُ ڪري مشعل، ٻاٽ ۾ لاٽ ٽي هَلُ،
هڪلي ايندئي هيڪلو، پنهنجو پاڻ پنهل،
عشق ۾ يار ”عباسڻ“ جو، جيءَ سجو جل ٽل،
جي پهر نہ وينا پَل، سي توڙان توڙ پُڄي ويا.

◘

ووڙي ووڙي ووڙ، هوت ملندئي هيڪلو،
ويندي ٽيءَ نہ ويسر، منهن نہ ڪاڙي موڙ،
ساريندي سڄڻن کي، پهچي ويندينءَ توڙ،
اهڙا ڀاڳ ڀلوڙ، ڀاڳين ايندئي ”ڀنيرو“ چئي.

◘

عشق جون اندر ۾، ڳنڍيون ڳنڍي ڳنڍ!
دل کي ڏوٽي ڏُوٽي، ڇاٽي ڇاٽي ڇنڊ!
جيءَ جانڌهہ جان جَنڊِ! تہ ڀاڳو ملندئي ”ڀنيرو“ چئي.

⧈

تنهنجي ديد ۾ ديد، حوصلو ۽ هوش ويو،
مان ٻڌو ٻانهون تنهنجو، تُنهنجو زر خريد،
اهڙي ٻي ڪا عيد، ايندي ڪانه ”عباسڻ“ چئي.

⧈

ڪالهه ويا وڻجارن جيان، ڪاتارا ۽ ڪاتاريون،
خالي پاڳ پاٽا ٿيا، بندر بازاريون،
ويٺا سور ساريون، اَباڻن جا ”عباسڻ“ چئي.

⧈

الله! تون آڻ، ٿَر ٿَر ٽڏڙا مينهڙا،
اُباڻڪا ”عباسڻ“ چئي، پِنُون ۽ پاڻ،
خالي تل ترائيون، وانجها سڀ وٿاڻ،
ٿئي ڪا روح رهاڻ، مارو موٽن ماڳَ تي!

وسندا وڏ ڦڙا، آسرو الله ۾،
پورب اوتر ايندو، وڄندا چنگ چڙا،
گهڙوليون گهڙا، پٽ پٽ تي "پنيرو" چئي.

وسڪارو تي وس، ٽرجا ٽاڪ اُباٽڪا،
پوڏيسر تي "پنيرو" چئي، چاهه وڏي ڪو چس،
روحَ ٿين ڪي رس، ٽر ۾ ٽاريلين جا.

وسڪارو تي وس، ڪاٺِر پاٺِر جُوءِ تي،
ٻاٻيهن جي ٻولين جو، چاهه وڏي ڪو چس،
روح "عباسڻ" رس، ٽر ٽر ٽڏڙا مينهڙا.

◙

اوتر نہ اوھيڙا، اُتَ نہ اوتارَ،
ڏؤنرا نہ ٻاتي، ڄاڳر نہ ڄارَ،
اڄڙي تان ”عباسڻ“ چئي، وِيڙيا ڏڻ ڏنارَ،
واحدا ڪر وسڪار، تہ مارو موٽن ماڳ تي.

◙

اوتر تي اَڄُ، ڪارونڄھر جي ڪورَ تي،
وسائج وڏ ڦڙو، ٻاھڪيءَ تي ٻچ،
پيراھو ۾ ٻڌريو، ٽر سڄو ئي سڄ،
نينھن ”عباسڻَ“ نَچُ، جي وسن مينھن ملير تي.

◙

پورب نہ اوتَرُ، لُڏي نہ لوليون،
ٽيڙوءَ نہ ٿھڪا، نَہ ٻاٻيھن ٻوليون،
اڄڙي تي ”عباسڻ“ چئي، چاھہ نہ چوليون،
اوکيون ۾ اوليون، مِھريون مالاھوءَ جون.

◙

پورب نہ اوتر، نہ واهيرن وٺڪار،
ٻاٻيهن جون ٻوليون، نہ ڳيرن جي ڳُٽڪار.
پِٽن تي ”پنيرو“ چئي، پؤنر نہ پٽڪار،
والي! ڪر وسڪار، تہ ٿر ۾ ڪو ٿڏڪار ٿئي.

◙

پورب جون لاٽون، ٿر ٿر ٿڏڙا مينهڙا،
ٽيپري ۾ چور تي، چوھ پريون چاٽون،
ساري پونءِ ”پنيرو“ چئي، وسڪارا واٽون،
ٻوسٽ ۾ ٻاٽون، ڏڪر ويندو ڏيهہ مان.

◙

پورب جا وسڪار، ٿر ٿر ٿڏڙا مينهڙا،
ڪارونجهر تي اوڪون، موڪون لاٽون لار،
ڪائر ڪنوٽيون ڪجڪا، پائر ميگھ ملهار،
آءُ ”عباسڻ“ يار! تڙ تڙ ڳيرا ڳٽڪن ٿا.

پورب  ڪان  اوٺر،  گوڙبون  ۽  گجگوڙ
ڪنوٽين  ڪِجڪا  ڪائرَ  تي،  پائر  ٻوڙان  ٻوڙ
ڪارونجهر تي مور ٿهوڪون، جنوجيءَ تي جوڙ
پوڏيسر  تي  راڳ  ملهاري،  مامڙي  تي  موڙ
ڪرڙي  ۽  ڪاٺل  تي،  ڪنبيَ  ڪٿونيا  ڪوڙ
يار ”عباسڻ“ پاڳ پلوڙ ٿَرَ ٿَرَ ٿڏڙا مينهڙا.

ڪڪر  ڪارونڀر،  پورب  جي  پار  جا،
ٿر  ٿر  ٿڏڙا  مينهڙا،  اوهيڙا  اوٺر،
اڇڙي جا ”عباسڻ“ چئي، تل ترايون تر،
ڏؤنرا  ٻاتي  ڪرڙي  تي،  ڄارا  ۽  ڄاڱر،
جوئر  ۽  ٻاجهرِ،  ڪائر  پائر  جوءِ  تي.

ڪڪر  لاٿون  لاٿيون،  مالاهوءَ  ميلا،
اڇڙي ٿَڙ ”عباسڻ“ چئي، چانگون ۽ چيلا،
ڏؤنرا  ۽  ڏيڪا،  ڪاڄ  ”ڪائر“  جوءِ  جو.

◙

ڀورب وسڪارو، ٽر ٽر ٽڏڙا مينهڙا،
ڳتيءَ ڪڙڪا لائيا، ٻاري ۾ ٻارو
ڀلر جي پالوٺ ٿي، ٻيرن ڳتڪارو
چڙن چونگارو، ڀٽن تي ”ڀنڀرو“ چئي.

◙

ڪڪر ڪارونڀار، چوٽيءَ تي چوٽي،
ڪرڙي ۽ ڪاٽل تي، ڀلر جي پلٽار
ڀوڏيسر تي ”ڀنڀرو“ چئي، تاڙن جي تنوار
ڏؤنرن نايا ڏارَ ٽر ٽر ٽڏڙا مينهڙا.

◙

ڀورب جا وسڪار، ٽر ٽر ٽڏڙا مينهڙا،
ڪتيءَ ڪڙڪا لائيا، تل ترايون تار
ڀٽن تي ”ڀنڀرو“ چئي، چڙن جي چونگار
ڪڙيا ڪنٺهار، ڀلر جي پالوٺ ٿي.

◙

پورب کان اوڀر، آڏاڻن تي آئيو
گُڙندَ تان گُڙندو، ننگر تي نائيو
پيراهو پڌريو ءِ، ڏٺ پٽ سارو ڊائيو
پَٽ پَٽ تي ”پنيرو“ چئي، سڪ جا ڏانوڻ ڏائيو
پوش نئون پارائيو، ڪاڻر پاڻر جُوءِ کي.

◙

ڪاڻلَ ڪاڻر پاڻر تي، ڪَڪَر ڪارونيار،
ٿَرَ ٿَرَ ٿڏڙا مينهڙا، ڪنوڻين جا ڪجڪار،
ڪارونجهر جي ڪور تي، پورب لاٿون لار،
پٽ پٽ تي ”پنيرو“ چئي، پؤنرن جا پڙڪار،
ڏؤنرن نايا ڏار، آئي مند ملهار جي.

◙

ڪاڻر تي ڪجڪاٽ، پورب جي اوڀر جا،
لُڏي جي لولين جا، چوڏاري چمڪاٽ،
پؤنرن جا پٽن تي، پيرا ءِ پُڙڪاٽ،
لٿي اُڃ اُساٽ، ڪاڻر پاڻر جُوءِ جي.

◘

ڪارونجھر تي مور ٿھوڪون، مالاھوءَ تي ميل،
آڏاٽن تي اوھيڙا، ڪاراھوءَ تي ڪيل،
پڏريي ۾ پيراھوءَ تي، ڍھُل ھمرچا ھيل،
نينھن نيارا نيل، پٽ پٽ تي ”پنيرو“ چئي.

◘

پورب ڪان اوتر، ڪائر پائر آئيو،
ڪارونجھر تي ٽيڙوءَ ٿھڪا، پنو پوڏيسر،
مامڙو جل ٿل ٿيو ڪڪر ڪارونيَر،
گجي وسيو گاج تي، وسيو ڪير ٿر،
پؤنرن جا پٽن تي، پيرا ۾ پٽڪر،
توڏا سپ تڙن تي، ڀِيرن جا ڀُڻڪر،
ويندو ڏرت ۾ ڏڪر، پونءِ تان ”پنيرو“ چئي.

◘

ڪڪر ڪارونيار، اوتر ٻڄي آئيا،
پٽن تي ”پنيرو“ چئي، ٽيڙو ٿھڪا لائيا،
ڏؤنرن ڏار نائيا، ڪائر پائر جوءِ تي.

◙

پورب جي اوتر جا، گوڙيون ۽ گجگار،
پٽن تي "ڀنڀرو" چئي، پؤنرن جا پڙڪار،
تل ترايون تار، تڙ تڙ ڳيرا ڳٽڪن ٿا.

◙

پورب جا وسڪار، ڪائر پائر جوءِ تي،
ٻاٻيهن جون ٻوليون، ۽ ڳيرن جا ڳٽڪار،
ويڙهيچا ولهار، راڳ ملهاري ڳائن ٿا.

◙

پورب جا وسڪار، ڪرڙي ۽ ڪاٺل تي،
پيراهوءَ ۽ پڊريي جا، تل ترايون تار،
ڊٿ پٽ سارا ڍائيا، اٿ ۽ اوتار،
پٽ پٽ "ڀنڀرو" چئي، ڏؤنرن ٻاتي ڏار،
نينهن نوان نروار، ڪارونجهر جي ڪور تي.

◙

ڪڪر ڪارونڀار، چوٽيءَ تي چوٽي،
ڳيرن جي ڳٽڪار جي، مند وري موٽي،
پلر پالُوٽي،ڪائر پونءِ "ڀنڀرو" چئي.



# غزل

◈

رات هنيو آ ڪات اسان کي،
سور مليا سوغات اسان کي.

يارا! چتيءَ جا چورا آهيون،
پاڇاڙيو پرڀات اسان کي.

پيرن تي هنئين پاڻ کهاڙي،
ماتم وائي وات اسان کي.

مرضيءَ سان ئي ماڳ متيو سون،
موت نہ ڏيندو مات اسان کي.

پنهنجن ئي ڪلهہ رات ڪيو آ،
گهٽ تي بيهي گهات اسان کي.

◈

مائرن جا هَنجَ خالي ڪونہ ٿيندا،
هي خدا جا گنجَ خالي ڪونہ ٿيندا.

ڀل اچن طوفان يا ڪي زلزلا،
مورچا ۽ منجھہ خالي ڪونہ ٿيندا.

روز آهي نئين هَلان ڪا سنڌ تي،
سُورمن جا سنج خالي ڪونہ ٿيندا.

اڄ ”عباسڻ“ جو وري اعلان آ،
هي وينجھارن ونجھہ خالي ڪونہ ٿيندا.

◈

كونهي تو ۾ ٿورَ ۽ ٿانءُ،
تنهنجو آهي ڏانڊو نانءُ.

ٻاهر هنج جون ٻوليون ٻولين!
اندرِ آن تون ڪارو ڪانءُ.

منهنجون چيتي وانگ چنگھاڙون،
هاٿيءَ جيڏو آهي هانءُ.

تون تہ اُپو آن ڪجيءَ وانگي،
منهنجي آهي ٻڙَ جي ڇانوَ.

تو وٽ لال هندورن جهوٽا،
منهنجي ڪاٺَ اَڏيءَ سان لانوَ.

جي چوين ٿو آ، تہ آ،
هي کھاڙي ڏس پلا.

پئو لهي ميدانَ تي،
پوءِ ڏس ڪارا اچا.

ڪِيسُ انياءَ ڦهر تون،
ظلم جي تون انتها.

سوچ پل تاريخ پڙهہ!
پل پڇي وٺ ڏس پتا.

هڪ هڪاٽي تي وڃي،
جي سڏائين ٿو خدا

◈

ويا سال گذري، پرين ڪونہ آيا،
فراقن ڦٽيو آ، وري گهاوَ گهايا.

ڇڏي ويا جڏهن ڪان، سڄڻ هت اسان کي،
اسان ويس ڪارا، تڏهن کان هي پايا.

سڄڻ جي اچڻ جو، اڃان آسرو آ،
اسان نيڻ واٽن تي آهن وڇايا.

نهارون هي نظرون دڳن ۾ اسان جون،
اسان پنڌ هر هر پِريُن جا پڇايا.

اجايا نہ ٿيندا اوجاڳا اسان جا،
”عباسڻ“ اندر ۾ نوان نينهن نايا.

◈

اسان تو سان ليڪا ۽ چوڪا چڏيا،
اجان چو ڪرين ٿو تو ڳالهيون وڏيون؟!

جڏهن نيڻ توسان هي اٽڪي اڙيا،
سيئي خواهشون پيون وساري ڇڏيون.

سخي ٿي سڄڻ! مون ڪيو عشق توسان،
ڪيون گهور توتان هي ماليون مڏيون.

سياري اونهاري تون دل ئي دل تي،
پرين! توکي پل پل پيا ٿيا سڏيون.

”عباسڻ“ جو آهي سفر جاري ساري،
ڪٽي ساڻ هلبيون جي گوندر گڏيون.

◈

گلابن تان پيارا نہ پوپٽ اُڏارا،
ڇڏي ڏي هنن کي تہ کن کو قرار.

گلابن جي رس ۾ آ ماکي مِٺاڻَ،
تڏهن قرب وارن جي آهي قطار.

اسان يار عادي خوشبوءِ سنگهڻ جا
پرين! پيار وارن تي کهڙي ميار؟!.

وري مند موتي هِتي يار! ايندي،
لڳي پيار وارن جي ويندي بازار.

"عباسڻ" نہ کنهن سان کو ليکو کيو آ،
گهڙي پل اسان سان تہ گڏجي گذار.

◈

ملين جي نہ ساپيان تہ سپنن ۾ ملجان!،
لکي خط پرين! تون سيئي سُور سلجان!.

اسان کون ڪڏهين پلايو آ توکي،
اسان کي بہ سهڻا! ڪڏهن تون نہ پُلجان!.

زماني جي بندش جا زنجير ٽُٽندا،
ڏئي ٿهڪ ڏاڍو پو مِلجان ۽ کِلجان!.

اسان کي اوسيئڙو اجان تنهنجو آهي،
”عباسؔ“ سان پنهنجا اَچي رُوحَ رَلجان!

◈

قرب واري قيد جهڙو ڪو مزو ڪونهي مٺا!،
پيار تنهنجي ۾ پرين! لُٽجي وڃڻ اعزاز آ.

هي حياتي مختصر آ ۽ ڪهاڻي آ ڊگهي،
هن اڻانگي عشق جو ڪيڏو اڻانگو راز آ.

اڄ ڏٺي منزل سندو آهي سفر جاري اڃان،
عشق آهي جيءَ جهوري عشق بحري باز آ.

جڳ اندر ۾ اي "عباسڻ" برهه جون باهيون ٻرن،
هي اسان جي عشق جو اوکو سڄڻ! انداز آ.

◈

اسان کي سڄڻ! عشق اوکو مليو آ
پرين! پيار توکان انوکو مليو آ.

اسان کي تو چاهيو اسان توکي چاهيو
مٺا! چاهہ ڏاڍو ڪو چوکو مليو آ.

اسان نيهن وارا هون نروار ماٺهو
تڏهن قرب سولو ۽ سوکو مليو آ.

پرين پيار ڪڏهين پراڻو نہ ٿيندو
”عباسڻ“ کي تازو اڇوڪو مليو آ.

اسان سال گهاريا اڪيلا اڪيلا،
اجان ڏور رهندين پرين ڪيستائين؟!

بهارون ڪٽي آ تہ اکڙيون ترن هي،
اسان آسري ۾ سڄڻ! هيستائين.

نہ ايندين تہ پيارا! ڪٽي ننڊ ايندي،
پيا جاڳنداسين اچڻ تنهنجي تائين.

متل زندگيءَ جو رهي جيسين ميلو،
"عباسڻ" سان نيبهہ ڪجانءِ تيستائين.

◈

ڪٽي نيڻ هيڪر اسان ڏي نهاريو،
گهڙي گڏ گذارڻ جا آهيون سوالي.

هٽي سين تنهنجو اچي درجهليو آ،
هِتان هاٽي واپس ويندا سون نہ خالي.

سخي تي سخاوت ڪيو دلربا! ڪا،
ٿيو پيار وارن سان حالي حوالي.

ٻڌائڻ جي ناهي ضرورت اسان کي،
اسان جي ازل کان سڃاڻپ نرالي.

”عباسڻ“ سان ليڪا ڇڏي يار! سارا،
پرين! پيار جي اڄ پيري ڏيو پيالي.



# نظم

❁

هو سنڌ جي سينڌ سجائي ويا،
هو پنهنجو پاڻ ملهائي ويا.
هو مانجهي مڙس مٿير هئا،
هو دودا دُرس دلير هئا.
هو ڳاڙها ڳڀرو ڳاٽ هئا،
هو باکن جهڙي لاٽ هئا.
هو هوشو هيمون پارا ها،
هو روپا ماڙيءَ وارا ها.
هو پنهنجي هوڏ هلائي ويا،
پر جذبن کي جرڪائي ويا.
هو منهنجي من جو ميت هئا،
کو شيخ اياز جو گيت هئا.
هو درد پيري کا چيخَ هئا،
هو سنڌڙيءَ جي تاريخ هئا.
مان تن جا پنڌ پُڄائيندس،
مان وايون سي ورجائيندس.
مان تن جا واعدا پاريندس،
مان تن لاءِ سنڌ قطاريندس.

◉

سچل سائين! ڪيستائين مانا رهندا ماڳ،
پنيت پنيت پڙڪي اٿندا پونا آئنا آڳ،
ڏونگر ڏرندا ٻارڻ ٻرندا آڏ نہ رهندي اوٽ.
ڏرتي ڏڏندي ڪانئر ڪنبدا ڪوٽ نہ سهندا چوٽ.
سِرَ سِرَ سڙڪن ڏَڙَ ڏَڙَ ڏڙڪن گوليون گڙ گڙ گڙڪا.
پير گُڊي جون ڦهر ڪهاڙيون ڪنڌ ۾ ڪڙڪا تڙڪا.
ڳيرن ڳاتا لهريون دريا ڪونڌر ڪوپا ڪلنگيدار.
ٻنڌڻن وارا ٻار ٻہ ايندا پڙ تي ٽيندا پرزا يارا!
ٻالڪ تنهنجا سچل سائين! موت سان ڪيڏڻ ٽِڪ جي گيم،
اندر سنڌ جي پاٽي ڪونهي ٻاهر سنڌ جي ڪالا ڊيم.
سچل سائين! تنهنجا سائل سي تہ وهائن نيڻن نير،
اُڄ ازل جي آهي تنين ڪي نانگ پيين ٿا ماهيا ڪير.
ونيون ٻنيون گهوٽ دراڙي پاڙين ڪان ئي ڪسبيون هن،
مڙسيون مرد مٿيرن جون پر ڏوراهينءَ ڪان ڏِسبيون هن.
ڪٽيون ڪٽيون مينهن پوي ۽ ڪنوڻ ڪِنوين دوڦان مچي.
سمجهہ تہ مردن آهہ مچايو موت سندو ميدان اچي.
گهنگهورَ گهٽا ۾ گوڙين جي آ راڳي جهڙي راڙ ڪئي،
سمجهہ تہ ويرين وچ ۾ بيهي چيتن آهہ چنگهاڙ ڪئي.
ديس درازين گوڏي جيڏو مينهن سندو جي پاٽي آ،
پوءِ دعا تون گهوٽ ڪجان جو مان تہ شهادت ماٽي آ.
ويندي ويندي دولهہ تنهن جو ديس وسائي وينداسون،
پرديس پرين جي ويڙا نڪري ڏيهہ اندر سي ڏينداسون.

❁

اسان هون ڳوپا ۽ ڪونڌر،
اسان هون غيرن لئي محشر،
دما دم مست قلندر

سنڌڙي منهنجي جيجل ماءُ،
جنهن لئہ سرسر ڪي سوداءُ،
جنهن جو ڏيهن ۾ ڌهڪاءُ،
جنهن جو غيرن ڪي آ گهاءُ،
اسان هون ظالم لئي خنجر.
دما دم مست قلندر

اسان هون مانجهي مڙيادار،
سونهين هٿ ۾ جن تلوار،
جن جو قيامت هڪ هڪ وار،
جن جو سوري آ سينگار،
اسان ڪان لرزن ٿا لشڪر.
دما دم مست قلندر

اسان هون مانجهي مڙس ملنگ،
اسان هون آڏوتي اڙٻنگ،
اسان هون واسينگن جا ونگ،
اسان هون ڪاريهر جا ڏنگ،
اسان هون ٻيلائي ڪيهر.
دما دم مست قلندر

اسان وتڪانگي گوريلا،
اسان هون برق جا شعلا،
اسان هون توب جا گولا،
اسان تقدير جا مولا،
اسان جو ڪامي اندر.
دما دم مست قلندر

⊙

❁

سنڌڙي! منهنجو وچن آ توسان، پنهنجي نينهن نڀائڻ جو،
چارَ جي هڪ هڪ ويڙهہ جي خاطر پنهنجي ڪنڌ ڪپائڻ جو.
منهنجي ڌرتي آدجُڳاد کان ڪنهن جو سُنگُ نہ پريندي آ،
منهنجي ماتر پُومي مُوران ڪائنر ڪو نہ جهٽيندي آ.
ڪيڏا ڏُم ڌماڪا ٿيندا واڪا واڪا واٽون ٿينديون،
رڳ رڳ جو هي رت آريتو ٻاٽ ۾ ان جون لاٽون ٿينديون.
آنڌين سان اکيون پنهنجون اٽڪائي بہ سگهون ٿا،
پنهنجون راهون طوفانن مان بنائي بہ سگهو ٿا.
هي سچ آ تہ منهنجي هٿ ۾ گلاب تڙي پوندا آهن.
منهنجي نازڪ هٿن مان ڪِتاب ڪري پوندا آهن.
پر هن هٿ ۾ هڪ پيرو ڪا جُنبش آئي،
تہ پوءِ سمجهين ٿو ڇا ٿيندي تنهنجن جي تباهي؟!
هر حلقہ زنجير مان تڙپي نڪتيون جي جَهنڪارون،
تہ والله! ڪنبي وينديون تنهنجي زندان جون ديوارون.
مرندي مرندي تنهنجا ويري ڳاري ماري ويندا سون،
سنڌ جي سِينڌ کي لال لهوءَ سان ڪيئن بہ سنواري ويندا سون.

◉

❁

واريءَ تي ٿا ليڪا پايون،
جهڙا آهيون تهڙا ناهيون!

ڪاريون پٽيون خالي ٻانهون،
دانهون پنهنجون ناهن ڪاهون،
بند اسانجا رَندَ ۾ راهون،
رت ۾ راڱيل واٽون واهون،

وَڏ ڦُڙي جيئن نيڻَ ٽمايون
جهڙا آهيون تهڙا ناهيون!

پورائيءَ ۾ پُونءِ ڦرائي،
رولاڪن سان رُوحَ رَلائي،
اوندھ واري عينڪ پائي،
پنهنجي جڙ تاريخَ وڃائي،

سنڌ جا خالي گيت ٿا ڳايون،
جهڙا آهيون تهڙا ناهيون!

يار ”عباسڻ“ هوش ۾ ناهيون،
جڻ ڪي پيالا پيتل آهيون،
روز نوان ٿا نعرا ٺاهيون،
ڪنهن تي دانهين ڪنهن تي دانهيون.

آڪڙ ۾ ٿا پاڻ پڏايون،
جهڙا آهيون تهڙا ناهيون.

◉

❁

سنڌ امڙ سان نينهن نڀايون،
مهر وفا جون وايون ڳايون،
پنهنجي سونهن ۽ ساک بچايون.

سنڌڙي زنده باد هُجي،
شاد هُجي آباد هُجي.

پنهنجي ڀُونءِ ۽ ڀاڳ بچايون،
ڇُوڙيلين جا چاڳَ بچايون،
تاريخي ڪي ماڳَ بچايون.

سنڌڙي زنده باد هُجي.
شاد هُجي آباد هُجي

پنهنجو هي درياهُ بچايون،
چرخو پنهنجو چاهه بچايون،

ساهہ ڏئي ويساهہُ بچايون.

سنڌڙي زندهہ باد هُجي،
شاد هُجي آباد هُجي.

ڌرتي پنهنجي دنگ بچايون،
واهہَ ڪڙيا ۽ ونگ بچايون،
سونا سونا سنگ بچايون،

سنڌڙي زندهہ باد هُجي،
شاد هُجي آباد هُجي.

ڪُنوارين ڇيڏَ ۽ چالَ بچايون،
ڀونءِ ڀلارا ڀالَ بچايون،
ماروئڙا ۽ مال بچايون.

سنڌڙي زندهہ باد هُجي،
شاد هُجي آباد هُجي.

ڪائِرَ ڪِڄڪا ڪيلَ بچايون،
منڇر ميلا ميل بچايون،
ڀُونگا ڀاٽا ڀيلَ بچايون.

سنڌڙي زندهہ باد هُجي.
شاد هُجي آباد هُجي.

ٻيلا ڇيلا ڏَڻ بچايون،
واهيرا ۽ وَڻ بچايون،
قومي پنهنجا ڌَڻَ بچايون.

سنڌڙي زندهہ باد هُجي،
شاد هُجي آباد هُجي.

يارَ ”عباسڻ“ ڪوهہَ بچايون،
اوهہَ بچايون موهہَ بچايون،
روهيون رِڻ ۽ روهہَ بچايون.

سنڌڙي زندهہ باد هُجي،
شاد هُجي آباد هُجي.

◉